# رجني ۽ آرسي

آرسي ۽ رجني،

عجيب ساهيڙپ آهي ٻنهي جي. روز رات جو سمهڻ کان اڳ، هوءَ آرسيءَ اڳيان وڃي وار ٻڌندي آهي. سندس وار گهنگهرالو ۽ ننڍا آهن، ٻڌجڻ کان پوءِ ننڍين ڇوڙن وانگر سندس ڪنن وٽ لٽڪي پوندا آهن.

رجني ڊريسنگ ٽيبل جي اڳيان وڃي آرسيءَ ۾ نهاري رهي هئي. آرسيءَ جي سامهون در ۽ دري هئا، تن مان ڪالونيءَ جا گهر ۽ خاص ڪري بتيون آرسيءَ مان ليئا پائي پائي رجنيءَ کي ڏسي رهيون هيون. رجنيءَ جا گهنگهرالو وار اڄ ٻارن جيان ٽينگ ٽپا پئي ڏنا. هٿن ۾ آيس نٿي. سامهون آرسيءَ ۾ بتيون، جي آڪاس جي تارن جيان ٿي لڳيون، سي به هڪ هڪ ٿي وسامي ويون. رجنيءَ کي لڳو سندس گهر جي بتي هاڻي وڌيڪ تيز ٿي وئي هئي. آرسيءَ وارو آڪار به ڪجهه وڌيڪ گهرو معلوم ٿيو. اوچتو محسوس ڪيائين ڪلڪ جو آواز.... آرسيءَ واري رجني پڇي رهي هئي، ”سو سپاڻي هُئو توسان گڏجي ايندو؟“

”اڃا به خبر نه اٿيئي ته مرد ڇا ٿيندا آهن؟“

"جيئن عورت چڱائي ۽ خرابيءَ جو مرڪب آهن تيئن مرد به آهن."

"پنهنجي پيئوٽي جي وارتا وسري چڪي آهي تو کان؟"

"مون هن کي پرش نه ديوتا سمجهيو هو."

"۽ چا نڪتو؟"

"جيڪي نڪتو اُن ۾ منهنجي ئي غلطي هئي. مون کي سمجهه کپندو هو ته انسان انسان آهي؛ خواهشن ۽ ضابطي جو عجيب مرڪب."

"ضابطو ۽ انسان! ڪهڙو ضابطو ڏيکاريو تنهنجي پيئوٽي صاحب؟"

"مون به ته گهٽايو ڪين هو. پنهنجي آفيس جون پڪنڪس، منڊس آفيس سا رتيل سير، جتي ڪٿي ساڻس گڏ ويندي هئس. ڪيڏا ڏڪ هڻندو هو، چهنبڙيون پائيندو هو. مان ڪڏهن به اعتراض نه ونندي هئس. نه ته چا ڪيس همت ٿئي ها چوڻ جي ته 'مون سان شادي ڪري چڏ؟' اوهه! اُن مهل زمين جاءِ ڏئي ها ته جيڪر پيهي وڃان ها...."

"تو ته غريب کي چمات وهائي ڪڍي، ها ها ها...."

"ته چا ڪنديس. اجايا ٺهڪ نه ڏي. پيئو جي ڀاڄ ۽ مان! چو اهڙو نيچ سمجهائين، مون کي!"

"مون ته چيو نه سڀ مرد اهڙا ٿيندا آهن."

"مگر هن جو جواب ياد اٿيئي؟ هو ته واڙو ٿي ويو. پڇائين: 'تنهنجي مون سان هيتري ريل چيل هلت،

ڇا پيار نہ هو؟“ ان مهل تہ جوش ۾ ڇهو مانس، ’پيار پيار مان ڪجهہ نٿي ڄاڻان. مان پنهنجين ساهيڙين سان بہ اِن طرح ئي تہ هلندي آهيان.‘ ليڪن هاڻي تہ مان اُها ساڳي ناهيان.“

”پوءِ بہ تہ ٻاهہ سان ڪيڏڻ هلي آهين.“

”مان بہ تہ پاڻي آهيان.“

”ڏسي وٺبو سڀاڻي تنهنجو رعب.“

رجنيءَ منهن سوڙ ۾ اندر ڪري ڇڏيو. سندس اکين اڳيان آفيس جو نظارو اچي بيٺو. چندر مٽي کي هٿ ڏيو ڦاڙهل اکيان کولي ڪلاڪن کان اُٿين ئي ويٺو هو. رجنيءَ اُٺي اکيان اچي پڇيس، ”ڪائي غلطي ٿي ويئي آهي توهان کان؟“

”ڪجهہ سمجهہ ۾ ئي نٿو اچي. ڪيترا ڀيرا ڊرافٽ پڙهي چڪو آهيان، پر سمجهہ ۾ هڪ اکر بہ نٿو اچي.“

”هلو ڪئنٽين مان چانهہ پي اچون.“

چندر مجبورن اُٿي هلڻ لڳو.

چانهہ پيئڻ وقت اُٿي رجنيءَ پڇيو، ”توهان جي من تي ڪوئي بار آهي نہ.“

”نہ نہ. اهڙي ڪائي ڳالهہ ناهي.“ چندر جي مک تي زوريءَ آندل مرڪ ڦڏ ڦڏ ڪري رهي هئي.

رجنيءَ چانهہ خلاص ڪري چيو، ”توهان جي من تہ مونجهاري کي، توهان جي منهن تي پکيڙي ڇڏيو آهي. ليڪن مان فقط ڪنهن جي همدرديءَ کي ئي

نڪرائي سگهجي ٿو. باقي تڪليف کي گهٽائي نه
ٿو سگهجي."

چندر چپ رهيو.

شام جو رجنيءَ پنهنجي ميز تي هڪ پرزو ڏٺو.
لکيل هو، "توهان کي اعتراض نه هجي ته مان سڀاڻي
توهان کي ڪٿي گڏجان. شايد منهنجي من جو بوجھ توهين
هلڪو ڪري سگهو؟ پرزي جي مٿان نه ڪوئي سرنامو
ڪين هو ۽ پڇاڙيءَ ۾ به فقط "توهان جو پنهنجو"
لکي ڪاغذ صحيح نه ورتي ويئي هئي. رجنيءَ ڪلي ڪمند
مٿي ڪيو ته چندر کي جواب جي انتظار ۾ ڏٺائين.
سندس ويجھو اچي چيائين، "سڀاڻي آرتوار آهي. منهنجي
گهر هليا اچجو." چندر جي چپن تي مرڪ هئي...

رجنيءَ محسوس ڪيو سوڙ جي اندر سندس چپن
تي به هڪ مرڪ هلي آئي هئي. سوڙ کي هيٺ ڇڪي
رجني چپ چاپ سمهي پيئي. ڪيڏي مهل ننڊرا ديوي
سندس چپن تان مرڪ ڇني کڻي ويئي، سا ڪيس به
خبر نه پيئي.

رجني صبح جو اٿي ته سمجهائين واڱي روشن
ڏينهن ڪيس پنهنجي گود ۾ کڻي ورتو آهي. ليڪن
ڏيري ڏيري ڪم ڪارن ڏينهن کي گهيندا ويا. ڪپڙيون
سا ڙهيون، بلائوزر سڀ پيا هئا. تن کي ڌوتو هوس،
ڪانجي ڪرڻو هوس ۽ هوا ۾ ڦرڪائڻو هوس ۽ پوءِ
استري ڪري ڪپٽ اندر سجائڻو هوس. ماڻس اڪيلي

ڪٽڪ سوڻي رهي هئي. ڏوڀي ۔ ٻڙا ڪڻي آيو هو....
سنڊل پالش لاءِ سڏي رهيا هئس.... ايترا ڪم پورا
ڪندي به رجنيءَ فرصت جون گهڙيون ڳولي ڏي ورتيون.

چندر آيو ۽ ڪو وقت ويٺو رهيو.

رات جي اونداهي سيني ڀڙڪن ڪي ڪاري بادل
جيان اچي گهيريو. آسپاس جي رهڻين مان مٿر راڪ
وڃي وڃي بند ٿي ويا. آنهن جون ڏُنون رات جي
سناٽي ۾ اڏين هيون، جهڙن اونداهي ۾ ڪڙڪيٽڙا وَر وَر
ڀڪن. پريان گهرن مان نوري وقت لاءِ جهڳڙي جو
آواز ٻڌڻ ۾ پئي آيو. نيٺ آهو به سانت ٿي ويو. دريءَ
مان رجني آڪاس جي ٽڪري کي لٽڪندو ڏسي سن
ٿي ويئي. ڪيترا تارا هئا، آن ٽڪري تي ڪٽيل ـ مگر
ايترو بي‌ترتيبيءَ سان جيترو بي‌ترتيبيءَ سان ڦهليل هئا،
رجنيءَ جي من جي سطح مٿان خيالن جا موتي. هوءَ
اڄ وارن کي ڇڳرو ڇڏي من اندر موتي سيرهڻ ويئي.
اوچانڪ ٿي جو آرسيءَ تي سندس نظر ويئي ته ڇرڪ
نڪري ويس: آرسيءَ ۾ ويٺي هئي ڪلهوڪي سکي.
پڇُون چاڙهي پڇڻ لڳيس، "آخر ڇا ڏيئي ويئي، تنهنجو
پنهنجو؟"

"ڪجهه به نه نه،" رجنيءَ خنڪيءَ سان سکيءَ
کي ڏنو.

"ڏاڍي خوش ٿي لڳين."

”ڪنهن به ملي انسان سان ملي خوشي ٿي پراپت ٿيندي آهي.“

”هو چندر هو سٺو انسان!“

”منهنجون ڪيتريون سکيون به ته اهڙيون ٿي آهن.“

”ته مون کان ڇو ٿي پاڻ ڪترائين؟“

”اکيون ٿي ته وڃي آهيان،“ چوندي رجني اٿي بيٺي. هائوس ڪوٽ جي وڏي گهيري کان مٿئي ۽ مٿئي کيس پنهنجو منهو ڏکهو آڪار ڏاڍو پيارو لڳو. هڪ بيباڪ مرڪ جا سندس مکڙي تي ڦهلي ته آرسي ۾ شرارت ٿهڪ ڏيندي اٿي ويئي. رجني بستري تي ليٽي ويٺي دهرائڻ لڳي چندر سان ٿيل ملاقات ....

”آمي هي آهي چندر.“

”مون ته ڪدم سڃاڻو مانس.“

”آڇا! اڳي ڪٿي ڏٺو اٿو مون کي؟“

”آمي منهنجي واڻان آفيس جي هڪ هڪ ماڻهوءَ جو اهڙو ته قصو ٻڌي چڪي آهي جو ڏسنديئي سڃاڻي ويئي.“

”اڇين!“

”پڪ، هن جي آفيس ۾ ته تون اچا هاڻ ٿو نوڪري ڪرين، پر تنهنجي ڪنوار، منهنجي رجنيءَ جي سالن کان سڃاڻل آهي.“

”آڇا!“ آن کان پوءِ ٿيءَ ۾ پڇي ويو چندر. رجنيءَ ڪجهه، ڪاڏي جون چيزون اچي ٽپائي تي رکيون. ماءُ چيو، ”توهان جي ديوڪيءَ کي ڪنواري هوندي ته پاڻي لائي جو تمام گهڻو شوق هو.“

چندر ڇرڪي رجنيءَ جي ماءُ کي چتائي ڏسڻ لڳو. ڪن ترسي چيائين، "آمي ٻاتي لاڻي لاءِ ته مون اڃا ڪين ڪجهه سوچيو ئي ناهي، فقط ٻار کي اسڪول موڪلڻ جو سوال آهي ته وڏو طوفان مچي ويو آهي."

رجنيءَ چيو، "ديوڪي چوندي هوندي ڪانوينٽ ۾ پڙهي ۽ توهان جو ويچار هوندو سنڌي اسڪول ۾ پڙهائڻ جو."

"برابر." چندر جي ڳالهائڻ ۾ حد کان وڌيڪ اتساهه هو.

رجنيءَ کلي ڏنو.

چندر سهمجي چپ ٿي ويو.

رجنيءَ سڄ ڀاوَ سان چيو، "توهين وڏيون ڳالهيون سوچيندڙ، خبر ناهي ننڍين ڳالهين کي ڇو وساري ڇڏيندا آهيو."

"مطلب؟" چندر جي نراڙيءَ ۾ گهنج هو.

"وڻ کي پاڻي ڏيڻ بدران اُن جي گل کي پاڻي ڏيو ته ڇا ٿيندو. پهرين ديوڪا ئي سنڌياڻي نه ٿي آهي ته ٻار کي سنڌي ٿيڻ ۾ ڪيئن واهر ڪندي؟"

"توهين ٺيڪ ٿا چئو." چندر جي نراڙيءَ مان گهنج لهي ويو هو. ڪرسيءَ کي پٺين ٽنگن تي آياري وري چيائين، "توهين ٺيڪ ٿا چئو."

ماءُ چيو، "ڪجهه کائو ته."

چندر پاڻ مان ئي ٽڪر صوف جا ڪاتي تي ڪٽي کائڻ لڳو. ڪجهه سوچيندو به رهيو. پوءِ چيائين،

”توهان جي اها وڻ ۽ گل جي ڳالهه مون کي بلڪل ٺيڪ لڳي. ڏسو نه. ڌوڪي سندي زالن کي خوب ڌڪاريندي آهي. سچ ته انهن جهڙون ڳالهيون ٻولهيون پورو سمجهي به ڪانه سگهندي آهي. ڪانوينٽ جي پڙهيل آهي. انهن جي سيتا جي ئي ڄاڻ اٿس.“

”جيڪي سندي سيتا کي سمجهن ٿا، انهن مان به ڀلا ڪيترن کي ان تي فخر آهي؟“

”شايد ڳاڻ ڳڻين کي مس .... ليڪن منهنجا گهڻا دوست اهي ئي آهن.“

”مگر توهين ڌوڪيءَ کي انهن وٽ وٺي به ته ڪونه ويا آهيو.“

”توهان کي ڪيئن خبر پيئي؟“

”خبر ڪيئن نه پوندي، ڀلا مون وٽ جو ڪڏهن ڪنهن نه وٺي آيا آهيو.“

”برابر گنهگار آهيان، توهان جي خيالن جي ڄاڻ هوندي به توهان وٽ نه وٺي آيو آهيانس.“

”ائين لڄي نه ڪريو. مان به ته توهان وٽ اچي سگهيس ٿي. هاڻي ته ضرور ايندس ٿي.“

چندر ڪنهن دور آئيندي کي ڏسندي چيو، ”مان سوچيان پيو، شايد هڪ ڏينهن اهڙي نئين برادري جڙي وڃي، جن کي سندي هجڻ تي ناز هجي.“

ڪن ڪنن کان پوءِ رجنيءَ کي لڳو چندر جي نظر ڪٿان ڪنهن عالم مان ٿي هٽي سگهاري ۽ سير تي موٽي آئي آهي.

چندر جي وڃڻ وقت رجنيءَ ماءُ چيس، "ڏيوڪيءَ
کي وٺي اچج پٽ."

چندر ڪنڌ ڌوڻي چيو، "توهان جا شڪرانا...."

رجنيءَ چندر جي ملاقات من ۾ ڏهرائي پوري ڪئي
۽ سوڙ ڇنڪي ڪٽي منهن تي وڌائين. پر ۾ ٿي آرسيءَ
واري سکي ڪل ڪل ڪري چئي رهي هئي، 'شڪرانا!'
پيلا ڪنهن ڪنواريءَ سان ڳالهيون ڪرڻ لاءِ ۾ ڪهڙيون
موڪل ملي ۽ شڪرانا مڃڻ ڪان سواءِ، ڪوئي ڪيئن
رهي سگهندو؟"

"ڪم تي وڃ گماني. ڪو ٿي ڪنهن روشن ڏيوري
جي پرڪاش ۾ ويهي پنهنجي ڌنڌلي من کي اوجل
ڪري ۽ نون آن تي به نئولي ڪندينءَ؟"

"سنڀال ڪج، ڪٿي وري نه ڇمات هٿ جي نوبت
اچي وڃي. ڪٿي توهان جو پنهنجو وڌيڪ نه پنهنجائي
ڏيکارڻ لڳي."

"پيچ چريءَ!" چوندي رجني منهن ڦيري سمهي پيئي.